# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1977

# SINDH ACT NO.VII OF 1977

# سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977

# THE SINDH FINANCE ACT, 1977

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act V of 1958

4. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

5. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXVIII جي منسوخي

Repeal of West Pakistan Act XXXVIII of 1958

6. 1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXIV of 1964

7. 1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي ترميم

Amendment of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

8. هوٽلن تي ٽيڪس

Tax on hotels

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 1977

# SINDH ACT NO.VII OF 1977

# سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977

# THE SINDH FINANCE ACT, 1977

[29 جون 1977]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجھ ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز جي اوڳاڙي ۽ واڌ ڪي معقول بڻائڻ لاءِ ڪجھ قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ڪجھ ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز جي اوڳاڙي ۽ واڌ ڪي معقول بڻائڻ لاءِ ڪجھ قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي،

اهو هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1977 کان، سواءِ دفعه 3 ۽ دفعه 5 جي ذيلي دفعه (3) ۽ ذيلي دفعه (6) جي، جيڪي پهرين جنوري 1977 کان نافذالعمل سمجهيا ويندا.

ايڪٽ II جي ترميم

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899

Amendment of Act II of

۾، ان جي شيڊول I جي آرٽيڪل 37 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

”37. هر هڪ هزار رپين يا ان جي حصي جي هنڊي (Letter of Credit) (يعني، هر هڪ رپئي جو ذريعو” جنهن سان هڪ شخص ٻئي کي بااختيار بڻائي ٿو تہ اهو ان شخص کي ادا ڪيو وڃي، جنهن جي نالي تي اهو جاري ڪيو ويو آهي).

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act V of 1958

3. سنڌ شهري غير منقولہ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾:

(1) دفعہ 3 ۾:

(I) ذيلي دفعہ (2) ۾:

(a) شق (a) ۾، ڏنگيون، انگ ۽ لفظ “(a) ڪراچي ضلعي جي ريٽنگ ايرياز ۾؛” ختم ڪيا ويندا.

(b) شقن (b) ۽ (c) کي ختم ڪيو ويندو.

(ii) ذيلي دفعہ (3) لاءِ هيٺين کي متبادل بڻايو ويندو:

“(3) جتي ڪا عمارت والاريل آهي ۽ اها رهائشي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي آهي:

(a) مالڪ کانسواءِ باقي ٻئي شخص تي، ٽيڪس لاڳو ٿيندي، اوڳاڙي ويندي ۽ جمع ڪئي ويندي اهڙي عمارت جي ساليانی ملهہ جي ويهہ سيڪڙو برابر ملهہ جي حساب سان؛

(b) مالڪ جنهن کي ساڳئي ريٽنگ ايريا ۾ ڪا ٻي عمارت نہ آهي، ان کان اهڙي عمارت جي ساليانی ملهہ جي پندرنهن سيڪڙو برابر ملهہ

سان ٽيڪس لڳائي، اوڳاڙي ۽ جمع ڪئي ويندي.“؛

(2) **دفعه** 3-A **ڪي** وضاحت سميت، هيٺين ريت **متبادل** بڻايو ويندو:

(ٽيڪس ۾ حصو)

“3-A. **ڪنهن ريٽنگ ايريا مان اوڳاڙيل ٽيڪس**، ان مان **ڪليڪشن چارجز** طور 2 **سيڪڙو ڪٽوتي ڪانپوءِ، حڪومت ۽ لوڪل ڪائونسل** وچ ۾ ورهائي ويندي يا **جيئن صورتحال هجي، اهڙي ريٽنگ ايريا جي ڪنٽونمينٽ** بورڊ ۾ 3:2 **جي نسبت** سان ورهاست **ٽيندي**.“؛

(3) **دفعه** 4 ۾، شق (c) ۽ **شرطيه بيان لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو** ويندو:

(c) (i) **هڪ عمارت يا زمين جنهن جو ساليانو ملهه ٻه سئو پنجاهه رپين ڪان وڌيڪ نه هجي؛**

(ii) **هڪ ماڙ عمارت ڪليل جڳهه سان گڏ، جيڪڏهن ڪا هجي، اپارٽمينٽ وغيره، جيڪو هڪ سئو چورس گز ڪان وڌيڪ ايراضي تي ڦهليل نه هجي؛**

(iii) **هڪ فليٽ جي اندروني ايراضي تي سئو پنجاهه چورس فوٽ ڪان وڌيڪ تي نه هجي جيڪو رهائش جي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪنهن عمارت جي ڪنهن ماڙ تي هجي؛**

وضاحت:

"فليٽ" مطلب گهڻ ماڙ عمارت جو ڪو حصو."؛

(ساليانو ملهه)

(4) **دفعه** 5 لاءِ هيٺيون متبادل بڻايو ويندو:

(5) "5. (1) ڪنهن زمين يا عمارت جو ساليانو ملهه ساليانو بنيادي پاڙي برابر هوندو، جنهن ۾ اهڙي زمين يا عمارت سمورن فڪسچرز جهڙوڪ لفٽس، يا بجلي يا اهڙن ٻين فٽنگس وغيره سميت هوندو.

(2) بنيادي ساليانو پاڙو زمين يا عمارت جي مڪمل قيمت جي 10 سيڪڙو کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي.

(3) زمين يا عمارت جو ساليانو ٽوٽل ملهه ۽ فڪسچرز جو ملهه، ڄاڻايل طريقي موجب هوندو، جنهن کي ڄاڻايل عملدار يا اختياري طرفان مارڪيٽ ويليو جي حساب سان طئي ڪيو ويندو جيڪو ڪو هجي.

(4) مارڪيٽ ملهه طئي ڪرڻ جي مقصد لاءِ، ريٽنگ ايريا کي ذيلي ريٽنگ ايرياز ۾ ورهايو ويندو، ۽ هر ريٽنگ يا ذيلي ريٽنگ ايريا ۾ هڪ يا وڌيڪ زمين ۽ عمارتن جون ڪيٽيگريز شامل هونديون اهڙيون ۽ هر ريٽنگ ايريا يا ذيلي ريٽنگ ايريا يا ڪيٽيگري ۾، لاءِ زمين ۽ عمارتن جا اهڙا مختلف ريٽس مارڪيٽ جي ملهه جي حساب سان طئي ڪيا ويندا، جيئن به معاملو هجي، جيئن ڄاڻايو ويو هوندو.

بشرطيڪ وقتي رائج قانون هيٺ عمارتن جي مسواڙ

تي پابندي واري شرط سان ڪنهن عمارت جو ساليانو ملهه لاڳاپيل هجي ته پوءِ اهو هن دفعه جي لاڳو ٿيڻ کان هڪدم بعد عمارت جي ساليانو ملهه کان مٿي نه هوندو.

(5) دفعه 7 جي ذيلي دفعه (1) جي شرطيه بيان ۾، شق (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(b) نئين اڳهن جي فهرست جوڙڻ جي مقصد لاءِ ڪنهن ريٽنگ ايريا کي حصن ۾ ورهايو ويندو، هر حصي ۾ اهڙا علائقا ايندا، جيئن آرڊر ۾ ڄاڻايو ويوهجي ۽ مقرر ڪرڻ جي تاريخ يا تاريخون جنهن نئين اڳهن جي فهرست اهڙي ڪنهن حصي يا حصن ۾ عمل ۾ آڻڻي هجي."

(6) دفعه 8 کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو:

(ملهه لڳائڻ)

"8-A. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي مخالف نه هجي، جيڪا ملهه لڳائڻ واري لسٽ ڪراچي جي ريٽنگ ايريا ۾ واقع مڪمل طور يا عارضي طور علائقي لاءِ جوڙي وئي آهي ۽ پهرين جنوري 1977 کان لاڳو آهي، ان کي انهيءَ تاريخ کان ڪارگر ۽ لاڳو سمجهيو ويندو.":

(7) دفعه 12 ۾ شرطيه بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو.

(ٽيڪس جڏهن واجب الادا هجي)

"12. ٽيڪس ساليانو يا ڇهه ماهي جي حساب سان پريو ويندو، جيئن به طريقيڪار چونديو ويو هجي، اهي تاريخ يا تاريخن تي جيئن ڄاڻايون ويون هجن."؛

(8) دفعه 15 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(ادائگي ۾ نقص تي ڏنڊ)

"15. (1) جڏهن ڪو شخص دفعه 12 ۾ ڄاڻايل تاريخ موجب ٽيڪس ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته هن کي ڄاڻايل تاريخ کان ٽيهن ڏينهن جي عرصي دوران ٽيڪس جي ملهه کان وڌيڪ، سرچارج جي صورت ۾ ادا ڪرڻو پوندو، جيڪو قابل ادائگي ٽيڪس جي ملهه جي ڏهه سيڪڙو کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي، جيئن به ڄاڻايل هجي.

(2) جتي ٽيڪس ۽ سرچارج ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل طريقي موجب نه جمع ڪرايون وڃن، ڄاڻايل اختياري، اهڙي ڪوتاهي ڪندڙ کي ٻڌڻ جو هڪ موقعو فراهم ڪرڻ کانپوءِ، ان مٿان ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، جيڪو ٽيڪس جي ملهه کان وڌيڪ نه هوندو."؛

(9) دفعه 16 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(واجب الادا جي اوڳاڙي)

"16. (1) جتي ڪا پرڻ جوڳي ٽيڪس، سرچارج يا ڏنڊ هن ايڪٽ تحت مقرر وقت تي جمع نه ڪرائي وڃي،

ان سلسلي ۾ ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ جو اهڙو عملدار جيڪو ان سلسلي ۾ حڪومت پاران بااختيار بڻايو ويو هجي، ڊفالٽر کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ ڪانپوءِ، جاٽايل طريقي موجب وارنٽ جاري ڪري سگهي ٿو، ڊفالٽر کان دٻاءَ ذريعي اوڳاڙي يا ان جي منقولہ يا غير منقولہ ملڪيت وڪرو ڪرائي رهت جي اوڳاڙي ڪري سگهي ٿو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت جاري ڪيل وارنٽ تعميل لاءِ ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ جي جاٽايل عملدار کي مخاطب ڪيو ويندو، جيڪو جاٽايل طريقي موجب تعميل ڪرايو ويندو، اهڙي عملدار پاران ٻين عملدارن جي اهڙي مدد سان يا مدد ڪانسواءِ تعميل ڪرايو ويندو، جيئن مناسب هجي.

(3) حڪومت يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص ان سلسلي ۾، هن دفعہ تحت اوڳاڙي لائق رقم جي قسطن ۾ اوڳاڙي جي اجازت ڏئي سگهي ٿو، ان شرط تي تہ رهيل رقم تي وياج واجب الادا هوندو اهڙي ملهہ تي جيڪو شيڊول بئنڪن طرفان ايڊوانس لون تي مقرر ڪيل وياج کان مٿي نہ هوندو، جيئن صورتحال هجي.

(4) جيستائين ڪجهہ قانون جي خلاف نہ هجي ۽ ڪنهن زمين يا عمارت تي ڪا ٽيڪس، سرچارج يا ڏنڊ جيڪو هن ايڪٽ تحت واجب الادا هجي، اهڙي زمين يا عمارت تي پهرين چارج هوندي ۽ منقولہ ملڪيت تي، جيڪڏهن ڪا هجي، جيڪا ڊفالٽر سان لاڳاپيل هجي.”

4. سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾:

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

(i) دفعه 4 کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعه شامل ڪيو ويندو:

(ٽيڪس جي ساليانو ادائگي)

"4.A. جستائين دفعه 3 جي ذيلي دفعه (1) ۽ دفعه 4 جي ذيلي دفعه (2) جي ڪجهه متضاد نه هجي، ته موٽر گاڏي صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 تحت، جنهن کي رجسٽريشن ڏني ۽ پليٽ جاري ڪئي وئي هجي ان جي سلسلي ۾ ٽيڪس ساليانو واجب الادا هوندي، اهڙي تاريخ تي جيڪا ڄاڻائي وئي هجي."؛

(ii) دفعه 7 کي هن ريت متبادل بڻايو ويندو:

(لائسنس جاري ڪرڻ)

"7. لائسنس جاري ڪندڙ عملدار، پهرين پيرو واجب الادا ٽيڪس جي ادائگي، منظوري ۽ جمع ڪرائڻ تي اهڙي شخص کي جيڪو ٽيڪس ادا ڪري ٿو، ان کي لائسنس جاري ڪندو، جنهن ۾ جمع ڪرايل ٽيڪس جا تفصيل هوندا ۽ اهڙا ٻيا تفصيل، جيئن ڄاڻايل هجي ۽ اهڙو لائسنس ڪيتري ڄاڻايل عرصي تائين ڪارگر هوندو."؛

(iii) دفعه 8 جي ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن "ته ماهي" کي ختم ڪيو ويندو.

(iv) دفعه 13 جي ذيلي دفعه (2) کي ختم ڪيو ويندو.

5. سنڌ ٻيڙي جا پن وڪرو ايڪٽ، 1958 منسوخ

1958 جي اولهه

ڪيو وڃي ٿو.

پاڪستان ايڪٽ XXXVIII جي منسوخي

Repeal of West Pakistan Act XXXVIII of 1958

1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXIV of 1964

6. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 ۾:

(i) دفعه 11 جي ذيلي دفعه (1) ۾، انگن "78" کي انگن "79" سان متبادل بڻايو ويندو.

(ii) پنجين شيڊول لاءِ هن ايڪٽ جي شيڊول کي متبادل بڻايو ويندو.

(iii) ستين شيڊول ۾، داخلا نمبر 78 کانپوءِ، هيٺين داخلا وڌائي ويندي:

"79. هاڪرز ڪانسواءِ ٻيا سمورا دڪاندار..... -/50".

1965 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX جي ترميم

Amendment of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

7. صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾:

(i) دفعه 25 جي ذيلي دفعه (4) ۾، هيٺين ذيلي دفعات کي متبادل بڻايو ويندو:

(4) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هدايت ڪري سگهي ٿي ته هن دفعه تحت گاڏين جي ڪنهن مخصوص درجي يا درجن جي رجسٽريشن، اهڙي اڳواٽ طئي ڪيل عرصي لاءِ ڪارگر هوندي جيڪو هڪ سال کان گهٽ نه هوندو جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪندي.

(5) جتي ذيلي دفعہ (4) تحت ڪو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي، نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل گاڏيون، رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ۽ رجسٽريشن مارڪ سان گڏ، انهن کي پليٽس جاري ڪيون وينديون، جن کي رجسٽريشن پليٽس سڏيو ويندو، جيڪي لڳائڻيون پونديون.

(6) رجسٽريشن پليٽس فيس جي ادائگي تي جاري ڪيون وينديون ۽ انهن لاءِ اهڙو سامان، رنگ ۽ بناوٽ شامل هوندي ۽ اهڙي لڪائي هوندي (رجسٽريشن مارڪس سميت) جيئن ڄاڻايو ويو هجي."؛

(ii) دفعہ 30 جي ذيلي دفعہ (2) لاءِ، هيٺيون متبادل بڻايو ويندو:

"(2) جتي ذيلي دفعہ (1) تحت هڪ درخواست ڏني وڃي تہ دفعہ 25 جون گهرجون ان تي لاڳو ٿينديون."؛

(iii)دفعہ 34 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) شق (f) ۾، لفظ "سرٽيفڪيٽ" ۽ لفظ "کي" وچ ۾ لفظن "يا پليٽ" کي وڌو ويندو؛

(ii) شق (f) ڪانپوءِ ايندڙ مواد ۾، لفظ "موزونيت" ۽ لفظ "۾" وچ ۾ لفظن ۽ ڪامائن "يا پليٽ، جيئن معاملو هجي،" کي وڌو ويندو؛

(iv)دفعہ 97 ڪانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:

(رجسٽريشن پليٽ جي نقلي يا ڪوڙي هجڻ تي ڏنڊ)

“97-A. جيڪڏهن ڪو نقلي يا جڙتو رجسٽريشن پليٽ استعمال ڪري دفعه 25 جي پيچڪڙي ڪري ٿو ان کي قيد جي سزا ملي سگهي ٿي جيڪا وڌي 2 سال ٿي سگهي ٿي يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ به ٿي سگهن ٿا.”

هوٽلن تي ٽيڪس

Tax on hotels

8. (1) هوٽلن تي هڪ ٽيڪس لڳائي ويندي، جنهن کي هوٽل ٽيڪس سڏيو ويندو، جيڪا هيٺين اگهن تحت هوندي، يعني:

| | |
|---|---|
| (a)هڪ هوٽل جيڪو هڪ ڏينهن رهائش جي صورت ۾ جيڪڏهن پنجويهه رپين کان گهٽ نه ۽ سئو رپين کان وڌيڪ نه وصول ڪري رهيو هجي. | پنج رپيا في لاجنگ يونٽ هر ڏينهن جي حساب سان، سيني لاجنگ يونٽس جي 75 سيڪڙو تي. |
| (b)هوٽل هر لاجنگ يونٽ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڏهاڙي جي حساب سان هڪ سئو هڪ رپين کان گهٽ نه ۽ ٻه سئو رپين کان وڌيڪ نه وصول ڪري رهيو هجي. | ڏهه رپيا في لاجنگ يونٽ هر ڏينهن جي حساب سان، سيني لاجنگ يونٽس جي 75 سيڪڙو تي. |
| (c)هوٽل هر لاجنگ يونٽ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڏهاڙي جي حساب سان ٻه سئو هڪ رپين کان گهٽ نه ۽ ٽي سئو رپين کان | پندرنهن رپيا في لاجنگ يونٽ هر ڏينهن جي حساب سان، سيني لاجنگ يونٽس جي 85 سيڪڙو تي. |

| | |
|---|---|
| وڏيڪ نہ وصول ڪري رهيو هجي. | |
| (d)هوٽل هر لاجنگ يونٽ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڏهاڙي جي حساب سان ٽي سئو هڪ رپيا ۽ ان کان وڏيڪ وصول ڪري رهيو هجي. | ويهہ رپيا في لاجنگ يونٽ هر ڏينهن جي حساب سان، سيني لاجنگ يونٽس جي 85 سيڪڙو تي. |

(2) هوٽل ٽيڪس هوٽل جي مالڪ يا ان شخص طرفان جيڪو وقتي طور هوٽل جي مئنيجر جون ذميواريون سنڀالي رهيو آهي، ساليانو ادا ڪئي ويندي يا اهڙين قسطن ۾ جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ۾ طئي ڪري.

(3) هوٽل ٽيڪس اهڙي طريقي ۽ اهڙي آفيس، اختياري يا ايجنسي طرفان اوڳاڙي ۽ جمع ڪئي ويندي، جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڄاڻائيندي.

(4) ذيلي دفعہ (3) تحت ڄاڻايل عملدار، اختياري يا ايجنسي، هوٽل ٽيڪس جي اوڳاڙي ۽ جمع ڪرڻ جي سلسلي ۾:

(a) ڪنهن شخص کي هوٽل جي حوالي سان سندس ڄاڻ ۾ معلومات ڏيڻ لاءِ يا اڪائونٽ بڪ، دستاويز يا ٻيا ڪاغذ، طلب ڪري سگهي ٿي، جيئن سندس ضابطو يا اختيار هجي؛

(b) ڪنهن بہ شخص کي هوٽل ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڪنهن

اڪائونٽ بڪ، دستاويز يا هوٽل سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي ڪاغذ جي جاچ ۽ اهڙي اڪائونٽ بڪ، دستاويز يا ٻئي ڪاغذ کي بند (Seize) ڪرڻ جو اختيار ڏئي سگهي ٿي.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ:

(a) هوٽل مطلب ڪو هنڌ جتي بورڊنگ کانسواءِ يا بورڊنگ سان ادائگي عيوض رهائش (Lodging) فراهم ڪئي ويندي هجي پر ان ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل نہ هجن:

(i) ڪو گهر يا هوٽل جيڪو فقط بزرگ يا بيمار ماڻهن يا شاگردن لاءِ تيار ڪيو ويو هجي؛

(ii) ڪو ريسٽ هائوس، ميس يا ٻيو لاڳاپيل جڳهہ يا وفاقي يا صوبائي حڪومت جي قبضي هيٺ هجي؛

(b)رهائش جو هنڌ (Lodging Unit) مطلب سنگل يا ڊبل بيڊ رهائش جيڪا هوٽل ۾ ترسڻ لاءِ فراهم ڪئي وڃي.

(5) جيڪو بہ هوٽل ٽيڪس جي ادائگي ۾ ناڪام ٿئي ٿو ان تي ڏنڊ مڙهيو ويندو، جيڪو واجب الادا ٽيڪس کان وڌيڪ نہ هوندو، جيڪو مٿس عملدار، اختياري يا ايجنسي طرفان ذيلي دفعہ (3) تحت لڳايو ويندو.

(6) حڪومت عام يا خاص حڪم ذريعي، ڪنهن هوٽل يا هوٽلن جي درجي کي سموري يا هوٽل ٽيڪس جو ڪجهہ حصو ادا ڪرڻ کان ڇوٽ ڏئي سگهي ٿي.

(7) **هوٽل ٽيڪس جو ڪو حصو ڇڏي ڏيڻ يا ملهہ مٽائڻ لاءِ سول ڪورٽ ۾ ڪو بہ ڪيس نہ ڪيو ويندو.**

(8) **سنڌ مالياتي ايڪٽ،** 1965 **جي دفعات** 12، 14 **۽ دفعہ** 18 **جي ذيلي دفعہ** (2) **ج شق** (ii) **کي منسوخ ڪيو وجي ٿو.**

**جدول** (Schedule)

**ڏسو دفعہ** 6 (See Section 6)

**پنجين جدول** (Fifth Schedule)

**ڏسو دفعہ** 13 (See Section 13)

1. **هن شيڊول جي آرٽيڪل** 2 **هيٺ نہ ايندڙ علائقن ۾ توانائي ڪتب اچڻ جي صورت ۾:**

| | |
|---|---|
| (a)**رهائشي مقصدن لاءِ** | **استعمال ڪيل توانائي جي هر يونٽ تي** 2 **پئسا** |
| (b)**آفيس يا واپاري مقصدن لاءِ** | **استعمال ڪيل توانائي جي هر يونٽ تي** 3 **پئسا** |
| (c)**صنعتي ڪم لاءِ** | **استعمال ڪيل توانائي جي هر يونٽ تي** 2 **پئسا** |
| (d)**ٽيوب ويلس ۽ آبپاشي يا زرعي مشينري** | **استعمال ڪيل توانائي جي هر يونٽ تي** 3 **پئسا** |

**وضاحت: علائقا جيڪي سمورا يا مخصوص طور جوڙجڪ جي عمل لاءِ استعمال ٿيندا هجن ۽ فيڪٽريز ايڪٽ،** 1934 **جي دفعہ** 2 **تحت هجن، اهي صنعتي ڪم**

طور سمجهيا ويندا.

| | |
|---|---|
| 2.اهڙن سمورن علائقن جي صورت ۾ جتي توانائي بنا ميٽر جي لائسنس سان فراهم ڪئي ويندي هجي. | فليٽ چارج جي هر رپئي تي 5 پئسا اوڳاڙيا ويندا، بشرطيڪ ڪا به ڊيوٽي اهڙي اوڳاڙي تي نه وصول ڪئي ويندي جيستائين اهڙي اوڳاڙي هڪ مهيني ۾ 5 رپين کان نه وڌي. |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**